# يگانتر

ڪھاڻيون

*Yugantar*

(Short Stories)


سندري اُتمچنداڻي

*Sundri Uttamchandani*



www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com

Download free Sindhi movies from

www.sindhisangat.tv

سنڌي ساهت هينئر ڪافي ڪنن دور مان لنگهي رهيو آهي. ٻانڪن جو قحط ته پهريائين کان آهي جنهن سنڌي ساهت کي ڪاچاري ڏک هنيو آهي. هينئر پني جا ڳاٽي ڀڳا اگهه، ڇپائي، جا چوٽي چڙهندڙ اگهه هڪ طرف، ته ڇپيندڙ پريس وارن جي تڪليف ٻئي طرف. مشڪل سان ڪو ڪتاب يا رسالو وقت سر نڪري سگهي ٿو. نتيجي ۾ ڪيترائي رسالا نڪرنديئي بند ٿي ويا. جيڪي ٿورا رسالا ۽ ڪتاب هن وقت نڪري رهيا آهن، لاشڪ دياوان دانوين ۽ سرڪاري ادارن جا محتاج ٿي رهيا آهن. ليڪن اهو سڀ ڪيستائين؟ آخر گهڻا پبلشر هنن حالتن هيٺ سينو سهسائي، ساهس رکي، سنڌي ساهت کي زنده رکي سگهندا؟ هيءُ هڪ اهڙو گنڀير مسئلو آهي جنهن لاءِ اسان سڀني کي ليکڪن کي، پبلشرن کي ٻغولي ۾ ساهت جي گهٽگهرن کي ۽ سڀ کان وڌيڪ نئين ٽهيءَ جي پاڻکن کي، گڏجي سوچڻو آهي. مسئلو ڏکيو ۽ گنڀير ضرور آهي ليڪن ان جو حل هرويرو ناممڪن ڪونه آهي. سوال اهو آهي ته ڪير، ڪٿان ۽ ڪيئن شروعات ڪري؟

اسان سنگيتا طرفان پنهنجي سر ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سال ۾ پنج، ڇهه سنگيتا جا انڪ نڪري رهيا آهن. از انسواءِ سال ۾ هڪ ٻه ڪتاب به سنگيتا شايع ڪري ٿي.

گذريل ٻن سالن کان سنگيتا کي پبلڪيشن طرفان "هجن هوت حيات" جي ڪڙي شروع ڪئي آهي، جنهن جي تحت هڪ ليکڪ جو سنمان ڪيو وڃي ٿو جنتي سندس ادبي شيوائن جو قدر ٿئي ٿو ۽ هن جي ادبي ڪاريه جي ڪلي اوک-دوک ٿئي ٿي جا ڪتابي صورت ۾ "هجن هوت حيرات" جي نالي سان ظاهر ٿئي ٿي. شري هري دلگير ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ کي هن مهل تائين ٻن ڪڙين ۾ جڙيو ويو آهي. هن سال نئين ٽهيءَ جو ليکڪ هن ڪڙيءَ ۾ شامل ٿي رهيو آهي.

# هن ڪتاب بابت

سنگيتا طرفان هن وقت اوهان جي هٿن ۾ شريمتي سندري اتمچند اڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي. سڀئي ڪهاڻيون (ليکڪا جي چوڻ موجب) گهٽي ياگي نيون آهن ۽ ڪٿي ڪونہ ڇپيون آهن. سندري پانڪن لاءِ ڪا نئين ڪانهي. تن ڏهاڪن کانبہ مٿي عرصي تائين هن سنڌي ساهت کي پئي سينگاريو آهي. هن جا هن مهل تائين ڏهاڪو ڪتاب مختلف شاخن تي شايع ٿي چڪا آهن. 1984ع ۾، ڪيس سندس ڪهاڻين جي مجموعي "وڇوڙو" تي ساهتيہ اڪاديمي، دهلي طرفان انعام پڻ ملي چڪو آهي.

سندريءَ پنهنجي ڪهاڻين ۾، اڪثر سنڌي جيوت جي گوناگون پهلن تي لکيو آهي. ان ۾ بہ خاص استري ڪردار کي اپاريو آهي. استري- پرش جي رشتن، اُستريءَ جي جذبات ۽ احساسن جو منو وگيانڪ چيد، گهرو ماحول ۾ ان جو درجو ۽ حالت، سماجڪ اوڻايون وغيره سندس ڪهاڻين جا وشيہ رهيا آهن. ان کان سواءِ هن ناٽڪ ۽ ڪويتائون پڻ رچيون آهن. هن جي ٻولي گهريچي ۽ اصطلاحي آهي جيڪا پڙهندڙ جي دلين تي ڪافي اثر ڇڏي ٿي. هرهڪ ڪهاڻي وشيہ، ڪردار نگاري ٻوليءَ ۽ ڪهاڻي ڪلا جي نقط نظر کان لاثاني آهي.

هيءَ ڪهاڻيون سندريءَ جون آهن. اوهان جون ۽ اوهان لاءِ آهن. اوهين خود پڙهي امين ٿيو. بس.

پبلشر

# ليکڪا جلہيا ڪتاب

1ٻہنڌن ( ڪهاڻيون)

2. پوري ( ڪهاڻيون)

3. ڪرنڊڙ ديوارون (ناول)

4. پريت پراڻي، ريت نرالي (ناول)

. اچا وار، ڳاڙها گل ( ڪهاڻيون)

6. تو جنين جي تات ( ڪهاڻيون)

7. يارت روسہہٻانهنہيلي (مضمون)

8.نئين سيپتا جو درشن (روسي شعرنامہ)

9. وڇوڙو ( ڪهاڻيون)

10. امن سڏي پيو (روسي شعر)

## فهرست

1. ماڻهوءَ مٿجي ويا
2. عقل جو انڌو
3. اصولي
4. گڏيش جنم
5. يگانتر
6. ستيءَ جو چبوترو
7. ٻمبئيءَ واري
8. وڃان هو وڃان ڪيڏانهن
9. مڇو
10. اڻاسي آزادي
11. سئو مان..... ايمان

کي گڏ سمهيل ڏٺو ته دل ۾ آيس ته چوانس: ڇو لال ماءُ هڪڙو ته سلهه جو شڪاربڻايو اٿيئي ۽ ٻيئي کي ٻه ساڻس گڏ سمهاري اماڻڻ ٿي چاهين ڇا؟ مگر منهنجو ڇا وڃي پنهنجا ته سور ڏسان، اهو سوچي چپ رهي.

پر لال ماءُ اٿي گروڏن کي چيو، پٽ، تون پريان پٽ پر منهن ڪري سمهه. توکي ٿڌڪار ٿي مٿي نه رات جو اجايو داديءَ جي ننڊ ڦٽندي.“

ياڪرن پلڪڻ واري نهاليءَ ۾ ٻئي پاسي منهن ڪري چپ چاپ ليٽي پيئي هئي. لال ماءُ جي اکين ۾ اها رات لهي ٿي آئي جڏهن مٿان ورهيءَ ڪٿ تي موهني مدي جي پوڄتا ٿي پوڄي ۽ هي ٻئي ساهيڙيون وري وٺيءَ سان اٿي ڪيس هر هر مٿي تي پٽي رکڻ ٿي لڳيون. نهالي پاڻ ٻه بيمار ٿي پيئي ته لال ماءُ موهنيءَ کي سڄيون راتيون هنجن ۾ وهاري اکين ۾ ڪاٽيون هيون.... پر اڄ نهاليءَ ايترو به نٿي پڇيو ته گورڏن کي ٿيو ڇا آهي. وري به پنهنجي ۽ ٿي من کي سمجهائڻ لڳي: ڀلا نهالي ڇو پڇي.... مون ڀلا نهاليءَ جي هڪ به ڳالهه جو جواب ڇو نه ڏنو هو. ٻه ڀيرا ته ڪو نه موٽايا هئم. ته پوءِ ڇو پڇي هوءَ؟.....

مگر من مڃيس ٿي نه پيو. چوي پيئي: ٻه ڀيرا موٽڻ جي سمر ٿي هجيم ها ته ڇنين جلبه ڇو نه جواب ڏيانس ها. پر ان ۾ گورڏن ڪهڙو گناهه ڪيو.... ڪافي رات گذري ٿي گورڏن جي ٿونڪار تي نهاليءَ جي اک کلي پيئي. ملياسي ڏئي چيائين، ”گورڏن جي ڇاتيءَ جو فوٽو ٻو ٿو نٿي ڪڍيائين؟“

لال ماءُ جاڳي رهي هئي. پله سان اکيون اگهي چيائين، ”فوٽو ته ڪڍايو ٿمانس...“ وڌيڪ ڪجهه چوڻ محال هو. اڄ ئي ته هوءَ اسپتال مان گورڏن جي ڦڦڙن جو فوٽو ڏسي موٽي هئي. ڊاڪٽر جيڪي ڪجهه چيو هو سو سڀ اکين ۾ آنسو پي پي ٻڌي ٿي آئي هئي. جڏهن اسپتال مان نڪري پٽ جي رڪشا ۾ چڙهڻ لاءِ فوٽ پاٿ تي آئي هئي تڏهن سندس دل ڇڄڻ لڳي هئي. ”پٽ مان پنڌ هلنديس.“ چيو هئائين. پر گورڏن ڪين ڇڏيو. چي: پنڌ

”هيءَ نهالي آهي، مون کي پٽي ٿيهڊي نٿي مئي ڊڪ پاٽي ۾، موٽي نہ مئو ملڪ ڦٿو جو، ماٿهوئي منجي ويا........“

# عقل جو انڌو

ماءُ گيتا هٿ ۾ ڪنئين ته ڏيءَ ڪي سڏ ڪري چيائين، ”اَنيتا مون کي ته لڳي ٿو ته جنهن زماني ۾ گيتا لکي ويئي آهي تنهن زماني ۾ به ضرور ڪو، ٿي وي جهڙو اوزار هو. ماڻهن وٽ. نه ته انڌي ڌرتراشٽر کي ڪو هن جي دوريءَ تان ڏسي ڪري جنگ جي ميدان جي کهاڻي ڪيئن ٻڌائي سگهي ها سنجئه؟“

انيتا چيو، ”اها ڳالهه ته ضرور هوندي پر مان ٿي سمجهان ته ڌرتراشٽر انڌو ڪونه هو. هو عقل جو انڌو هو. سندس انڌاپ فقط تمثيل طور ڪم آندل آهي. نه ته پيلا هيترا پٽ“ سو ڪورو“ ڪوئي عقل سجو ڄڻي ڇا. ۽ هيترا جوڀار ٿيا تن کي مار موچڙو ته ڪندوئي هوندو. جوش ۾ ڪپن ايڏيون مارون ڏيندو هوندو جو هو آخر ظالم ٿي پيا هوندا، نه پيءُ ۾ مانوتا هئي نه ٻارن ۾. ايتري قدر جو پاڃائي جهڙي دروپديءَ کي پريءَ سڀا ۾ اگهاڙو ڪرڻ تي به ڪين ڪا راجائي مرم مريادا جي شناس نه رهي.“

ماءُ چيو، ”پر گنڌاريءَ ڇو اکين کي پٽيءَ ٻڌي ڇڏي هئي؟“

انيتا چيو، ”مون کي لڳي ٿو ظالم ڌرتراشٽر گنڌار جي سهڻيءَ راجڪاريءَ سان شادي ته ڪئي پر ڪيس شڪ رهندو هوندو ته گنڌاريءَ ٻئي ڪنهن کي نه پيار ڪرڻ لڳي. هن به مڙس جي شڪي سڀاءُ سبب پنهنجي اکين تي ڪٽي پٽي ٻڌي. هڪ مڃي من واري ناري پيلا گهر ۾ مڙس ۽ پٽن جي بداخلاق حالت ڏسڻ کان ٻيو ڪيئن تي ڪنارو ڪري سگهي.“

ماءُ چيو، ”انيتا، ايترو سڀ تون ڪيئن سمجهي سگهي آهين؟“

ڌيءَ چيو، ”ممي، ڪاليج ۾ من وديا جو ڪورس جو ڪنيو اٿم.... ۽....؟“

”۽ ڇا؟“ ماءُ پڇيو.

”۽ گهر ۾ ڏسان ويني ته دادا پنهنجي طاقت ۽ داداگيريءَ جي نشي ۾ روز توڪي رڙيون ڪري وني ٿو. پٽن کي روز ننديءَ ننڍي ڳالهه تان مارون ٿو ڪڍي. ليڪن ٿو سمجهي

جيڪڏهن ٻارن کي ڪن ڪان ڇڪي وڏو ڪري اخلاق جو پتلو بڻائي پت تي ٽنگي ڇڏيان ۽ نتيجو؟ وڏو ڀاءُ رميش ته پاڙي جي ٻارن کي ماري ڪٽي شيون ڦريندو رهيو. دادا ڪيس شيخن سان ماريو. ۽ نيٺ.... ۽ نيٺ جنهن ڏينهن شراب پي دادا توکي گاريون ڏئي ڏنيون ته توبه گندو نالو ٻُڌي. چيس: اهو شراب پيءُ پيءُ ته رميش پيءُ کي ٻانهن ۾ چڪ پائي ڪڍيو...... طاقت جي نشي ۾ پيءُ 16 ورهين جي پٽ جي ڇاتيءَ تي چڙهي ڪيس گهٽا ڏيڻ وينو. پٽ ۽ جهپ هٽي ڪيس ٻانهن ڪٽنديءَ ڪٽي پري ڦٽو ڪيو.... پوءِ به دادا سبق نه سکيو. سندس داداگيري..... جي ڪمايان مان ٿو، گهر جو مالڪ مان آهيان، رميش نڪري وڃي منهنجي گهر مان، نه ته ڪيئن به خون ڪندو سانس.

ماءُ اکين ۾ اهو پيانڪ درشيه ڪٽي روئي پيئي. ٻُس ڪر انيتا، نه ياد ڪراءِ. اڄ پٽ جي وڇوڙي ۾ ڪوشليا جيان پيئي ٿي تڙڦان پر پتيءَ جي انياءَ کي ويني سهان هلو گانڌاريءَ وانگر اکين کي پٽي مون ٻڌي آهي ٻيو واهه وسيلو به ته ڪين اٿم. هاڻي ته تو جهڙي نياڻيءَ تي به جيڪا سندس جلهيه آهي سا اکيون ٻڌي ويني سهان اکر ٿي ڪڇانس ته دستو ڪنيو ٿو اڇي رڏٽي مان.

"ممي تون ڪجهه خيال نه ڪر مان گيتا واري زماني ۾ ڪانه ٿي رهان. مان سٺي نوڪريءَ ۾ لڳل آهيان پنهنجو پاڻ کي ڪو چڱو انسانڱ ڏسي ان سانگ گهر ٺاهي هلي وينديس."

"هلو ليڻ ڪي ڪجهه. هن ظالم جي قيد ۾ جيئڻ کان ته آزاد ٿيڻ ڪي گهرجيئي. منهنجون سڀ واهون ٻيون بند ڪري رکيون اٿس. نه پيڪن سان نه ساهرن سان ٿو ڳنڍڻ ڏئي. مون لاءِ ته سڄو جهان جڻ اڇو صبوح لڳو پيو آهي. جڻ هڪ قبر ۾ ويني آهيان.

تڏهن ڌيءَ پنهنجي ماءُ کي ڀاڪر پائي چيو، "امي هڪ ڳالهه مڃيندينءَ؟"

"ڇا؟"

"مان شادي نه ڪريان"

هلون.... مان ته گهر ۾ ڏاڍي اڪيلي ٿي ٿيان..... رميش اڄ گهر ۾ هجي ها ته شايد سندس ٻارن ۾ وندسري وڃي ها.....“

پڙڪي اٿيو رميش جو پيءُ، چوڻ لڳو، ”وري خارش لڳي اٿيئي ڇا، ڪٿان دستو؟ وري انهيءَ ڪتي جو نالو به زبان تي آندو اٿيئي ته هڏ گڏ پڃي رکندو سانءِ.“

رميش جي ماءُ تڏهن شانت ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي ڪنڌ ونڍي ويهي رهي.

خنڪي وڌڻ تي وري ڏوريو وسڪڻ شروع ڪيو رميش جي پيءُ، ”ملڪ ملڪ ته ڪرين پيئي سي ڪهڙا مسيت مان اٿي آيا اٿيئي ملڪ؟ ڪهڙي ملڪ توکي پڇيو به آهي ڪڏهن؟

جل پريون اکيون ڪڍي رميش ماءُ چيو، ”توکي سڪڪين غصي ۾ ڏسي ڪوئي در تي پير مٺي نه رکندو آهي.“

”چو نتا در تي پير رکن ۽ رکن به ڇو؟ هرڪو ڪاڏي خوش آهي. ڪير ٿو ڪپي. هتي پانديءَ پوري ڪانه پوي مٿان ٻين سان رستو رکون.....“

”ڪهڙي هڙ ڪڍي ويندو ڪوئي؟ پانديءَ پوري ڪيئن ناهي، گهر ۾ هيڏو پيئڻ کڻڻ.....“

”بس ڪر هاڻي عقل جي انڌي ته چپ نه ڪتي چڙيانءِ.“ تڏهين رميش ماءُ اٿي رڌڻي ۾ وڃي صندليءَ تي ويهي رهي. پنهنجي حالت تي ويچار ڪندي سندس اکين مان ڳوڙها ڳري پيا.

در تي ٺپاليءَ اچي آواز ڏنو ته رميش ماءُ جي ڏرڻي ڏڪي ويئي. هن مهل تار وارو، پلڪ ڪڍي وئي ڪي ڳنڍ ڏنڪين. رڌڻي ۾ ٺنگيل سنت جي مورتيءَ کي هٿ جوڙيڪين تيستڪين رميش جي پيءُ اٿي تار ورتي ۽ ڏيڍيءَ مان ايندو رڌڻي وٽ بيهي چيڪين: سياڻي ڏيڻين ٿي اچيئي ولات مان.“ هاڻي ماءُ جي دل گد گد ٿيڻ لڳي.

زال جي منهن تي پرسنتا پري مرڪ ڏسي مڙس چيو، ”تون ته نڙي پيئي آهين ٻه ٻار وٺيو ٿي اچيئي. اچي گهر سجو ڪندءِ.“

”تہ توکي ڏيءَ جي منهن ڏسڻ تي دل ڪانهي؟“

همٿائيندي رميش ماءُ سوال ڪيو.

”اڙي ڏيءَ جوئيندي ڇو ٻي ڇڙهي اٿيئي ڇا؟“

رميش پيءُ زال کي سٽڪارو ڪيڻ لاءِ ڪجهہ ڪٽڻ ويو. زال رڌڻي جو در اندران بند ڪري ڇڏيو.

سنان جي ڪونيءَ مان ڏڙام ڪري ڪجهہ ڪري پوڻ جو آواز ٿيو. پوءِ ڪن گهڙي بلڪل شانت رهي ۽ پوءِ آيو رميش پيءَ جي ڪراهڻ جو آواز، ”اڙي نياڳڻ جي اولاد ماري وڌءِ...“

رڌڻي جي در جي ڇيپاٽ ڪولي رميش ماءُ ڏٺو تہ ڪيس مڙس جي فقط هڪ ٻانهن زمين تي باٿ روم مان مٿ پيڙيندي نظر آئي هوءَ يڪدم ٻاهر نڪري آئي. سن پيو هو باٿ روم ۾ هاڻي رميش پيءُ. سندس هڪ هٿ چاتيءَ تي هو ٻئي هٿ جي مٺ پيڙي شايد چاتيءَ اندر اٿيل سور جي سوٽ جو مقابلو ڪري رهيو هو.

ٻاهريون در کولي رميش ماءُ گهٽيل گلي سان رڙو رڙ ڪرڻ شروع ڪئي...... اڙي ڪو آهي، اڙي ڪو پاڙي اوڙي ۾ آهي سئينءَ جو پيارو...“ پنڌرهن منٽن اندر رميش جو ماءُ گهر پرجي ويو ماڻهن سان. رميش پيءَ کي کڻي اچي کٽ تي سمهاريائون. ڪنهن چيو: نشي ۾ آهي شراب جي بانس پيئي اچي. پاڙي جي هڪ ٻئي ڇڙي بہ رڙو رڙ ٻڌي اندر ڊوڪي آئي هئي تنهن ٻانهن مٿي کڻي ڏني تہ ٻانهن ۾ ست ڪونہ هو. يڪدم چيائين،

”مرد آهي ڪٿي؟ شئي وڃي ڏٺين کي پهتي آهي. نشو بشو ڇاجو آهي. هيٺ ڊاڪٽر رهندو آهي نہ مدراسي. وڃي ان کي ڪوٺي اچو.

ڪير ڪونہ چريو ڊاڪٽر کي ڪوٺڻ لاءِ. تڏهين رميش ماءُ چيو، ”مان في پرينديس اڙي ڪو تہ ڊاڪٽر کي ڪوٺي اچي.“

ماءُ مٿي آڪاس ۾ ڪنهن سندرمڪئيندي کي ڏسي رهي هئي.

# امولي

گلاب جي گلن کي سندس چپن تي چهڪي هن چيو ”منهنجا سڳنڌي گل، خبر اٿيئي پرش کنهن کي چوندبيندو آهي“

گلن جي پنکڙين جي نرم ڇهاءُ کان پرسنتا جي مرڪ ڦهلي هئي ناريءَ جي چپن مٿان. هوءَ جواب نه ڏيئي پئي سگهي مگر....

”پرش انهي ناريءَ کي اپنائيندو آهي جا سندس آدرشن کي پيار ڪندي آهي. ان حالت ۾ چوندبُ پهرين ناري تي ڪري..“

ناريءَ کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. تڏهن هيءَ سڳنڌي گل سڄڻ جو ايمان ڪجهه نه هو.

فقط ڪي مهينائي مس گذريا هئا شاديءَ کي، جڏهن سڀڪئيءَ سيجا پون ۾ ناريءَ پتيءَ جي گهنگهرالو ڪارن ملائم وارن ۾ آڱريون پئي گهمايون....

مگر سندس چپ هر هر پياسا رهجي ٿي ويا.

ناريءَ زوريءَ سندس مک پاڻ طرف ورايو.

”ليئن نه پلئي سگهندينءَ مون کي....“ پاونا جڳت لڏي ويو، ”ڇا مطلب؟“

”ڏس هي منهنجون اکيون منجهن ڪيڏا خواب پريل آهن؟....“

”مگر مون نه توکي ورلي ڪو ننڊ ڪندو ڏٺو آهي اڪثر نه تون جاڳندوئي رهين ٿو ڪتابع پڙهندو رهين ٿو... پوءِ خواب ڪيڏي مهل لهندو آهين؟“

”خوبلبن لهڻ جي هڪ وهي ٿيندي آهي امولي، مان ان عمر ۾ٻي روزگار هئس سچ نه پڙهڻ لاءِ به اجان گهٽوئي ڪجهه رهيل هو. پوءِ به ڪٽنب پريوار کي گهرجن جي ڪنيي نرڳ جيان رجهندو ڏسي مون کي ٿيو مون کي روزگار تي لڳڻ جي سخت ضرورت آهي. ڪي ڏينهن نه گهر ڇڏي ڀٽڪندو رهيس. ڪن دوستن وٽ آسرو ملندو رهيو. جدا جدا

ننڍڙيءَ پت سان ڪالونيءَ کان جدا ٿيل هن گهر ۾ هيتري اگ لڳي هئي ۽ پوءِ به سڄي ڪالوني الوٽ سمهي پيئي هئي. هئو اها گهرجن جي گهاٽي ۾ پيڙجي ٿڪجي جو سمهي هئي.

ڪيڏي مهل ڪتين ڪر موڙيا ۽ نندرا ديويءَ هن ناريءَ کي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو تنهنجي خبر خود کيس به نه پيئي.

هوءَ جاڳي ته ڏٺائين: ڪالوني گهڻو اڳ جاڳي چڪي آهي ۽ ڏٺائين ته امولي ءَ جو ملهه ڪٽڻ واري بستري تان غائب ٿي چڪو هو. هڪ ننڍڙي پني ٽڪر تي لکيل هو ته بلڪل ساڌارڻ، رواجي استريءَ جهڙي جيون سنگني منهنجي خوابن جي راڻي ٿي نٿي سگهي.... اها پيڙا ڪيترن ڏينهن کان ڪيئن وٺيندي رهي آهي منهنجي من جڳت کي تون نه سمجهي سگهندينءَ.... منهنجو ضمير مون کي اندرئي اندر ڪپيندو ٿو رهي. جيستائين هرڪو به انهون انسان پنهنجون گهرجون پاڻ نٿو پوريون ڪري سگهي تيستائين اڌار ئي ناهي ٿيڻو مانو جاتيءَ جو....

امولي ءَ جو راتوڪو اگ لڳل سرير اڳيئي هڪ بند جيان دکي رهيو هو.... ميرا پڪار ڪئي جوڳي مت جا مگر سندس ايماني من، ڪنهن جي پير جي ڪڙي بڻجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شادي رچائڻ مهل ڪيئن ڪڙيون امولي ءَ جي پيرن ۾ آيون هيون، هن انهن کي نڪرائي ڇڏيو. ساهيڙيون سڏون سپ ناتا ٽوڙي سگهجن ٿا مگر جڏهن ملئڻ جي موهه ۽ ممتا واري ڪڙي ملئي تڏهن امووليءَ ۾ ان کي نڪرائڻ جو ساهس نه هو. هن ڏاڍي آدر سان ان کي مٽي طاق تي رکي ڇڏيو.

هينئر به چيائين، يشوڌرا آهيان مان گوتم جي ستول چرنن کي پڪڙڻ منهنجو وڙ ئي ناهي.... پوءِ به سندس قمن جي خاڪ نراڙيءَ تي مکي ڇڏيائين....

اچانڪئي هڪ ڏينهن هو گهر ۾ گهڙي آيو. امووليٰ شڪنتلا وانگر منهن ڦيري ڪين ٻيٺي. نڪي سيتا وانگر ڌرتي جو سهارو گهريائين. ننڍڙي ديپڪ کي سندس گود ۾ رکي ڏاڍي سهج ڀاوسان چيائين ”توهين اچي ويا؟“

هو ڏسندو رهيو امووليءَ کي، چپ چاپ. سيجاپون واري رات جي ياد وري ساهه کڻڻ لڳي تهبه کلي چيائين، ”هيڏي عرصي کان پوءِ مون کي گهر ۾ ڏسي توکي ڪوئي اچرج نه لڳو؟“

”راجا دشيتبه پنهنجي پرت کي ڪيڏن سالن کان پوءِ اچي ڏٺو هو.“ امووليءَ جي نگاهه ڌرتي طرف هئي پر سندس کلهلبلکل سڌا هئا.

ديپڪ هيل سوڏو پي جي ڪيسي مان پين پينسل ڪڍڻ ۾ محو هو. تنهن طرف سچ، پچ ڏيان هيئرمئي ويس. سندس مٿو چمي چيائين، ”ڙي هان تڏهن.... ان تڏهن کان پوءِ جيڪو هلڪو چرڪ هو سو چڻ ڪنهن غلطيءَ جي احساس جي شاهدي هو.

ليڪن امووليءَ ڄاڻي ٿي ته ان رات جي جليل ناريءَ وٽ ڪنهن جيهبه غلطي، غلطي نه رهندي آهيبس هن ته سڀ ڪنهن کي سڀ ڪجهه معافمئي ڪري ڇڏيو آهي.

پهرين آرٽڪ ميزان قئمر ڪرڻو آهي ملڪ جي ماڻهن ۾ ماڻهپي موٽئڻ لاءِ ان آدرش لاءِ پتي ڪيترو ڪجهه ڪري سگهيو هو انجو اندازو لڳئڻ امووليءَ لاءِ مشڪل هو. مگر ڪيس پنهنجي گرهستي جيون ۾ آدرش ۽ آرٽڪ حالتن جو ميزان قئمر ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ تڪليف ٿي هئي. پتيءَ جي غيرحاضريءَ ۾ هن پاڻ کي ايترو ته ڦهلائي ڇڏيو هو جو هاڻي ڪيس پتيءَ ۽ ديپڪ جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪنئڪي درپيش اچڻ لڳي. ڪڏهن پتيءَ جي شرٽ جلبڻ ڏمڀي ٽوڙي آيو آهي، جڏهن سندس رومال گم آهي. ڪڏهن سندس روٽي تيار ناهي....

پتي ديو هڪ اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿي ويو هو. پنهنجن آدرش جي ڦهلاءُ لاءِ کيس ڪافي زمين ملي هئي. گلبہ ڪڙي رهيا هئا جو هڪ ڏينهن پتيءَ امولي کي رڙ ڪري چيو، ”مهرباني ڪري اهلباهر جي دنيا سميٽي اچي گهر ۾ ويهہ.... هيتريبي مبندوبستگي.....

امولي ڪلي ڏيڻ ڪانسواءِ پلا ڪريئي چا ٿي سگهي. هوءَ يڪ ٽڪ پتيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي....

پتيءَ جي رڙ وري ڪر ڪڍڻ لڳي- ”ڪير چوندو هي گهر آهي؟ ڪڏهن پتين تي ڄارو....“

امولي‌ءَ پڇيو، ”جڏهن آدرش لاءِ توهين گهر ڇڏي ويا هئا، تڏهن من مٿي سنسار ڪيئن ڄاري سان پرجي ويو هو ان تي توهان جي نظرئي نہ پيئي هئي.... هاڻي تہ منهنجن آدرشن منهنجو وقت تي ڪٽي ورتو آهي....“

”اها چلبروڪشي ٿي رهي آهي آدرش لاءِ؟“

امووليءَ وٽ جواب ڪين هو. سندس من پرجي آيو. پوءِ‌بہ پتيءَ کي جواب لاءِ ترسيل ڏسي، هن ناريءَ جنهن اڪيلائيءَ جي عالم ڪي پرڻ لاءِ سئو طوفان سنا هئا، سا الاجي ڪيئن چئي ويني، ”هاڻي شايد مون ڪيئي هڪ ساڏارڻ رواجي پتيءَ جوو تياڳ ڪرڻو پوندو....“ چوڻ ڪان پوءِ ڪيس لڳو ساري گهر، ڪالوني ۾ جهان جون پتيون لڏي اٿيون هيون ڪنهن ڌماڪي سبب.

صدين ڪان پوءِ هڪ آدرشي رام کي لڳو آدرش تہ آهن، جي انهن هينان مانو پريم ۾ آدر جي ڌرتيءَ ناهي. هيءَ ڳالہ سيتا کيس ڌرتيءَ ۾ پورجي نہ، پر ڌرتيءَ مٿان رهي ثابت ڪري ڏيکاري هئي.

رام هن نوپچيتن ناريءَ کي ڏسندو رهيو پوءِبہ قدمو اڳيان وڌي سندس مٿي تي هٿ رکي چيو، ”نہ هاڻي ليئن نہ ٿيندو.“

نندڙي سنيتا پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو, ”دلي, ان کي ڇڏ، هو آهي لوڪ شاهي.“
مردولا پنهنجي ڪل متاڻهڪ جهلي سنيتا جي ڪن وٽ چيو, ”مولي داديءَ جو هڪڙو ٽڙو ٽو ڪڇي پو ٽنگ تي ڪڇيس ۽ پوءِ ٻيو....“
سنيتا چيو ”ماٺ ڪر. ڪل ته نه- ممي غصو ڪنديءَ.“
آيل ميڙاڪي جي پڻ پڻ سبب, ڏنيهبند تي ويئي هئي. سندن ڪپڙن ۾ وڌل سينٽن جي خوشبوءَ اگربتين ۽ چندن جي خوشبوءَ تي حملو ڪڻي ڪيو. سنيتا جي ماءُ اٺ ڏهه ٻيون ٻه اگربتيون جلايون ۽ ڏني شروع ڪري ڇڏيائين. ميڙ مان هڪڙي جنهن جيءِ ٻانهن جي نون سونن چوڙن چلڪاٽ پئي ڪيا. انهيءَ پنهنجي ٿولهه جوٻار ڦڙتائيءَ سان صندليءَ طرف ريڙهيندي, هٿ وڌائي چيو, ”ٽائي مون کي ته ڏيڪار گٽيس جي موورتي, ته ساڪيات درشن ڪريان.“ ڪنهن چيس ”پهرين هيٺ ته ويهه, ايري ڪاٺ کي ڪو ڀڳوان جو درشن ٿيندو ڇا؟“
موٽي مٽائي ويني ته ”يڪ“ ڇٽي سنيتا ۽ سندس ساهيڙي مردولا ڪليءِ ٻاهر پڇي ويون.
سنيتا جي ماءُ ڏاڍي صدق سان, زريءَ واري ڪپڙي ۾ ويڙهيل ناريل جو ٽڪرو موٽي عورت جي اڳيان آندو. پاڻ ٻه ڪجهه سريءِ ٽائي. ناريل جي پڇڙيءَ ۾ جيڪا نندڙي ڏاندشي هئي ان طر3ف اشارو ڪري چيائين ”هيءَ جيڪا گٽيش جي سونڊ تي ڏسين, سا هيٺري ٽڪري اڃ ٻه وڏي آهي ڪلهه نندي هئي.ٽائي هيري ماءُ ڪلهه تو پاڻ ڏٺو هو نه؟“ هيري ماءُ ڪمري جيءِ ٻيءَ ڪنڌ ڪان زالن ڪان سيريندي اڇي مورتيءَ وٽ پهتي. ڳل تي هٿ رکي چيائين, ٻٽڙي, قربان وڃان گٽيش گنج پتيءَ تان, اڙي سنيتا جي ماءُ تو وٽ ته پريو پاڻ پڌاريو آهي. اجان پئي پٽ گهرندي آهين.“
چمڪندڙ چوڙن واريءَ ٻانهن وڌائي پنهنجي ڏڪڻي هٿ ۾ زريءَ جي ڪپڙي سوڌو ناريل ٽڪر ڪڻي ڏاڍي اڇرج مان وري وري ٽڪر کي ۽ هيري ماءُ کي ۽ سنيتا جي ماءُ کي

”نمبلبا، (نک تي جانو پري جواب ڏنائين) مان اهڙا ناستڪ ويچار رکانئي ڪين- هي ته سڏو سنواٿو گڻيش جنم ورتو آهي. پٽر مان مورتي نهندي آهي تمبه هرڪو پوڇيندو آهي سو هيءَ ته....“

پوءِ ته جيترا هئا مک، تيتريون هيون ڳالهيون، ڪڇ اوتار، مڇ اوتار نرسنگ اوتار...“

هيري ماءُ چيو ”جمنلباءِ تو جو ڊينگ اچليو ته هي رڳو ناريل جوبچو آهي سو اهو ته مبڏاءِ پوءِ وڏندو چو پيو وڃي؟“

هيءَ ته وپڏي ڳجهارت هئي جا جمنا کانبه سلي نه ٿي ويئي. سندس شڪل مان ظاهر هو ته ناريل نظر اينديبه سندس اندر ۾ ڪجهه ڪڙهي رهيو هو. آهستي پڇيائين- گهٽا ڏينهن ٿيا آهن هن کي وڏندي؟“

”اڙي جمنا پيڻ، سڄا سارا پنج ڏينهن ٿيا اٿس. سومبه ڏاڍو چتائي چتائي شرطئي شرطئي پوءِ مهنجي گهر پڌاريو آهي.... پهرئين ڏينهن خواب لڌم، ته گڻيش مهراج پاڻ منهنجي مٿن وٺمبينو آهي، چويم وينو ڪلهه ڪان ورت وات ۾ وٺيو ويني آهين، هاڻي اٿي چلهو چونڪو ڪر... مون کيبک لڳي آهي“.... اٿي ڪڙي ٿيس. پر مورتي انتر ڌيان ٿي ويئي. وريبئي ڏينهنبه ساڳيو خواب. تڏهن چيومانس ”پوءِ ظاه رچو نٿو ٿين؟ مان ته هردم، تنهنجيبڌيبانهي آهيان.“ وريبه ڏسان گم. نيٺ ٽئين ڏينهن چيائين ”اچي تو وٽ جنم وٺندس.“ مانباڻائڻ لڳيس چيم ”سنيتا جو پيءُ ته سرڳ ۾ آهي مون وٽ جنم لهي مون کي ٺڪو ڏيندين ڇا؟“

ڪلي چيائين ”منهنجو جنمبلڪل سوکيم، ٿيندو.“ مان اٿي ڏسان ڪٽي ته سڄي پگهر ۾ شل ٿي ويئي آهيان. گڻيش سواميءَ جي ڪل ٻئي ڪنن ۾ وڄيم. اوچتو وڃي ناريل تي نظر پيم. جان ڪٽي پڇي اڌ ڪيان ته ڏسان ناريل جي هيٺان گڻيش جي سونڍ نڪريءَ ٿي آهي. هي چمتڪار ڏسي مان ته ايڏي خوش ٿيس جو چلبڏايان؟ اٿي سنان ڪريائي زريءَ

جي ڪپڙي ۾ ويڙهيو مانس.... مون ته رڳو اوڙي پاڙي ۾ ڪٿي ڳالهه ڪئي ته مون وٽ گڻيش جنم ٿيو آهي پر سڄي شهر ۾ جو خبر ڦهلجي ويئي آهي سو به سندس ئي چمتڪار ٿيندو...“ سڄي سنگت مان جئه جئڪار گونجڻ لڳي. پر جمنيءَ چيو, ”سنان روز ڪرڻ ئيندا آهيو هن انچ جيتري ناريل جي بچڙي کي؟.... شايد پاڻيءَ جي زور تي پيو ٿورو ٿورو وڌي هي ناريل جو انڪر....“

هيڏي ميڙاڪي جي جئجئڪار وچ ۾ جمنا کي هي ڪفر ٻولڻ ۾ جا من جي طاقت ڪني ڪري لڳڻڪٽي پئي ان جو اندازو فقط سندس نراڙيءَ تي نڪري آيل پگهر مان ئي, ڏسندڙ لڳڻ ئي ٿي سگهيون. سيئي زالون جمنيءَ جي ڳالا ڪرڻ لڳيون. سندس ساهيڙي ڪيس ٻاهر وٺي ملئي. سندس هٿ ٻنهي شب ۾ چيلئين, ڌرمي ڳالهين ۾ ڪو ليئن ٿيندو آهي ڇا... چري آهين ڪا تون به....“

جمنيءَ به شب ۾ چيو, ”ڏسج ويهي هفتي اندر ان کي سرن درياءَ نه ڪن, ته مون کي چئج“. ننڍڙي سنيتا هنن ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌنديون ۽ اکر به اکر اچي ماءُ کي ٻڌايئين.

چپ ڦڏا ڪري ماءُ چيو, ”ڪيس ئي نه هفتي اندر سرن درياءُ ٿيڻو پوي“.

هئه مئه ٿري. رات سڄي سنيتا جي ماءُ پاسا ورڻ ئيندي اڻ تڻ ۾ گذاري. هر هر ڪيس جمنيءَ جا پڇاڙيءَ وارا اکر پئي ڪنن ۾ ٻڌيا. پاڻ کي چيلئين جي جمني سچي هئي ته ٻين هيترين زالن کي ڇا اکيون ئي ڪين هيون؟ ليڪن ڪيترا به آٿت سوچيندي سندس دل اڄ اڳين پنجن ڏينهن واري وشواس سان پرجي نه پئي سگهي.

صبح صبح اخبار کڻنديئي سنيتا رڙ ڪري ماءُ کي چيو, ”ممي گڻيش اسان کي ڇگو مشهور ڪري ڇڏيو آهي. اڄ اخبار ۾ به اچي ويو اٿيئي ته اسان جي گهر ۾ گڻيش جنم ملهئجي رهيو آهي. اڄ ته تمام گهڻا ماڻهو درشن لاءِ ايندا۔ ڏسج ڪيڏا ٿا پئسا اچن اڄ به....“

سنيتا جي ماءُ پٽ تي پٿاريل اڇي کير جهڙيءَ پترانيءَ تي اٿي ڳنڍڙي ٿي ويهي رهي.
سنيتا کيس ڏونڌاري چيو، ”ڏسجانءِ اڄ تہ اخبار وارا تنهنجو فوٽو ڪڍڻ ايندا. شايد ٽي ويءَ وارا بہ.... او ممي يو آر گريٽ.“
مگر مميءَ جي اکين اڳيان ور ور ڪري اهوئي نظارو ڦري رهيو هو جيڪو جمنيءَ وچڻ مهل چيو هو هاڻي کيس گڻيش جي مورتيءَ بدران ناريل جو انڪريءَ نظر اچڻ لڳي.
جڏهين سنيتا اچي چيو، ”هيٺ تہ ڏس ممي ڪيترا ماڻهو پيا اسان جي گهر اچن.“
تڏهن ماءُ چرڪ ڀري اٿي ڪڙي ٿي. اڄ تہ سندس گهر ۾ حشام ماڻهن جا درشن لاءِ آيا ۽ ويا پر ڪنهن بہ سندس منهن تي اهو وشواس اها خوشي اهي جل ڏاريڪون نہ ڏٺيون. هوءَ نر اتساهہ بنبل پراڻيءَ جيان اکيون بند ڪيو بت بڻي ويٺي رهي.
ستن ڏينهن کان پوءِ بہ جڏهن مورتيءَ ۾ فقط پاءُ انچ جيترو بہ واڌ نہ ٿي الٽو ناريل جا سنهري نرم وار ان تي پرگهٽ ٿيڻ لڳا، تڏهن سنيتا جي ماءُ خود اٿي مورتيءَ کي ڪڇ ۾ جهلي صبح صبح سمنڊ ڏي هلڻ لڳي. هڪ پل لاءِ خيال آيس جي اڄ بہ هيڏا ماڻهو اچن تہ انهن کي ڇا چونديس ڪهڙو منهن ڏيکاريندس انهن کي، چو نہ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيان....“
مگر جڏهن لهرون وڪڙ وڪڙ ڪندسيون سندس پيرن وٽان مٿي چڙهڻ لڳيون، تڏهن سنيتا جي ماءُ پاڻ کي نہ فقط مورتيءَ کي بہ سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو.....

”اندو مان سچ ٿو چوان مان ڇاڻيبجهي توکي دکي نہ ڪندو هئس.“ سنتوش گوري نراڙ تان ريشمي وارن جون چڳون مٿي ڪيون.

”ڏک ڏيندڙ رڳون توهين تہ نہ هئا- ممي ڏس، مون کي ڏاج ۾ هڪ ڪوڏيہ نہ پيئي ڏني ۽ سرلا کي ٻہ ڳون پري پيئي ڏئي. ڇا مان انسان ناهيان؟“

”پڳلي“ اندوءَ جي ڪياڙيءَ ۾ وارن کي ڇپيندي ”ڪٿي تنهنجي شادي، ڪٿي تنهنجي ڀيڻ جي شادي؟ تو نہ پنهنجي ماءُ جي پسنديءَ جو گهوٽ ورتو ۽ نہ وري پنهنجي خداوادي آڪهہ ماڻهئي چونديئہ؟“

ڏاڍي جذبي ۾ اچي اندوءَ چيو، ”ڏسو توهين پاڻ کي ضمير غلب سمجهي سچ سچ چئو: اميءَ جيڪو سرلا لاءِ گهوٽ ڳولهيو اهو سٺو، ڪين مون جيڪو پنهنجي لاءِ ڳولهيو آهي اهو سٺو.“

”هٽ پڳلي، تو ڪيئن مون کي ڳوليو؟ ڪاليج کان وٺي توتي اک رکي هئم. ههڙي سندر هيلن کي ڀلا مان ڪيئن هٿن مان وڃڻ ڏيندس.“

اندوءَ ڳل اگهي چيو، ”سرلا جو گهوٽ ڇا مرد آهي؟ زالن وانگر چويس فلاڻو ڏڻ نہ مليو فلاڻي ڏينهن مانيءَ تي موڙو گهٽ مليو. ڇي، نيچ ماڻهو، مون کي اهڙنبوڪرن لاءِ نفرت آهي.“

”اسان کي تہ غريب سمجهي ساهرا مانيئي ڪين ڪن پر ڪين ڪهڙي خبر تہ ههڙو چنڊ هن دل کي ڇا تہ اميرمبنلئي وينو آهي.“

ٿڌو ساهہ کڻي اندوءَ چيو، ”غريبي، اوهہ غريبيءَ جي ڪريہ تہ اسين يگانتر کان اڳ اٽڪندا هئاسين.“

”رڳو اهو ڪارڻ نہ هو.“

”نہ پيو تہ ڪوئي ڪارڻ ڪين هو. شايد منهنجي من ۾ سرلا کي ڏسي نوان ڪپڙا سينٿون، ڪريمون وغيره نہ ٻڌي سگهڻ تي چڙ چڙ ٿي هوندي.“

”نہ ليڪن ٻہ ڪين هو. نالو منهنجو سنتوش آهي پر من ۾ تنهنجي سنتوش جو واسو آهي.“

مٺي مرڪ هئي اندوءَ جي چپن تي. چيائين ”شايد هيءُ ٻہ ڪارڻ هو جو منهنجي نوڪريءَ جي ڊيوٽي ڏينهن جو تہ توهان جي رات جو هئي. ان ڪري ڪجهہ هڪٻئي لاءِ سڪ، خارن جي منزل ٽپائين وڃي پهتي هئي.... ۽ ڪجهہ ڪجهہ اوشواس ٻہ جاڳيو هوندو مون جي من ۾.“

اندو سرڪي ڄڻ ڏوهہ جي قبوليت پنهنجو مٿو سنتوش جي ٻانهن ۾ ڇاتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو.

”وشواس جي ڳنڍ آهي يگانتر.“ سنتوش جهڪي پير ۾ ستل يگانتر کي اکين سان لڳايو ۽ مهينا اڳ واريءَ ڇڏيل رات جو پڇاڙ، اڄوڪيءَ رات سان ٻڌي ڇڏيو.

رات گذري وڃڻ کان پوءِ ٻہ اندوءَ کي انڌڪار جي جل مئيءَ جي ڪٿي ڪني يا ڪنڌي نظر نہ آئي. يگانتر کي انڌڪار جي چولين کان مٿي ڪٽي پنهنجي اکين جي پرڪاش سان ڇهيائين ۽ نرم ڳلن جي ڇهاءَ سندس اندر ۾ هڪ پرسپر احساس ڦهلايو جو ٻہ پرڪاش مئي هو. مگر انڌڪار منجهس هر هر ڪميا جي پروٽوپلازم جون آڱريون ٿي ڦهلايون. ٻوٽيل اکين مان ڳوڙها ڳڙي اچي ڳولن تي پيا. ڪيترو پيارو آهي هي يگانتر مگر مان نوڪريءَ تي وڃان، تہ ڪيس اٺ ڪلاڪ ڪير سنڀاليندو؟“ آخري نوٽيس جي پني جا اکر اندوءَ جي ٻند اکڙين ۾ چمڪڻ لڳا. پهرين تاريخ اگر نوڪريءَ تي نہ چڙهي سگهينءَ تہ نوڪري ختم سمجهجهہ. ڪيڏي هڻ پچاڙ کان پوءِ ملي هئي ايڏي پگهار واري نوڪري.

نہ تہ شايد يگانتر ٻہ جنم نہ وني سگهي ها. هر مانسڪ خوشيءَ جي احساس لاءِ ڪيڏي قيمت چڪائڻي ٿي پوي. هي ويچار ٻہ تيز ڇريءَ جهڙو ڪٽيندڙ هو.

اندوءَ جي دل کي سخت جهٽڪو آيو. سندس شڪل لهي ويئي. هوءَ يگانتر کي ڪٽي وڃي دريءَ وٽ بيٺي ٻاهر ڇو ڏٺو جن؟ ڪيڏي نه احساس مٽيريلزم اچي ويئي آهي اسان جي وچولي طبقي ۾. هن يگانتر جي ڳلن سان پنهنجا ڳل ڇهندي چيو. ”منهنجو منو يگانتر. ٻلي نه انڌڪار جي پرلاءِ ۾ ميٺو ميٺو ڪندي گهرن جي ٻاهران پونگڙن جي رکڻ لاءِ آسان پيچي رهي آهي.

اندوءَ آهستگيءَ سان يگانتر کي پلنگ تي ليٽائي ڇڏيو. پاڻ به سندس پير ۾ ليٽي پيئي. اوهه ٿنگن ڏکيين ڪرڻ ۾ به ڪيڏو نه آرام آهي. ليڪن ڪيستائين؟

اڄوڪو ڏينهن ته گذري ويندو. سڀاڻي ته صبح ٿيڻ سان نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو. سنتوش ڪمار رات جي ڊشيوٽي ڏيئي ايندو. ٿڪل هوندو. ننڍ اچي وڃيس ته يگانتر کي کير ڪير پياريندو؟ مان سڄي ڏينهن جيترو کير ناهي وڏي ٿرماس ۾ رکي وينديس. صوف جي رس نه ڪڍي رکي وينديس، مگر ڳاڙهي ٿي ويندي. سنتوش کي ياد پوندو الاجي نه؟ ته پلا مان ڇا ڪريان؟“

اندوءَ کي لڳو هر هر سندس من اندر ڦهليل پرڪاش کي انڌيري جون اگريون گهٽڻ پيئون اڄن ڪاشبين ملڪن وانگر هتي به هنڌ پٽ ڪريچ ڪليل هجن سرڪار پاران.

اندوءَ جي وڏيءَ ڀيڻ هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ چيو هوءَ بهتر اٿيئي ته نوڪري ڇڏي تون ئي ڪٽي اهڙي سنستا ناهه جتي وچولن ڪٽنبن جون نوڪري ڪندڙ زالون پنهنجا ٻار ڇڏي وڃن. جنهن تن لاڳي سوتن ڄاڻي تنهنجو به ڪم تو جهڙين جو به ڪم.

هوبهو جهاز جي چنڊ ڦوڪ نوڪريءَ واريءَ هن ڀيڻ جي صلاح اندوءَ کي ان مهل ته ڪين آنڙي هئي. خاص ڪري جڏهن سنتوش خاطري ڏني هئي ته هو ڏينهن جو گهر ۾ هوندو پاڻيهي يگانتر جي ديک ڀال ڪندو... پر ڪان جوت جو چيچاٽ ايندي جڏهن

سنتوش ڪمار خفي ٿي ويو ”هائو، ٺورو وڏو ٿئي ته ٻالمندر ڪولج، پوءِ هڪ سنڌي اسڪول ۾ ڪولج اچان وڏو ٿئي ته ڪاليج ۾ تونئي ڪولي ڏجائنس...“

”سنتوش، هي ڇا پيو چوين؟ ڇا وري رسڻ جي ٻار لڳي لٿئي؟ مون چيو نہ ”هاڻي يگانتر ڪان پوءِ اسان جو وڙهڻ ٻند؟“

”پر اندو تون پنهنجون ڊگريون تہ ڏس.“

”مون ڪي ڊگرين ڪان وڏيڪ منو آهي يگانتر. وڏي ۾ وڏي ڊگري تہ منهنجي يگانتر آهي.“

# ستيءَ جو چبوترو

بنارس يونيورسٽيءَ جي ليڊيز هاسٽل ۾ ليلا ديديءَ جي ڏاڍي عزت هئي. اڪثر ڇوڪريون ڪيس وڪوڙي وينديون هيون ته ”هن ڳالهه جو مطلب ڇا، هيءَ ڳالهه ڪيئن آهي.“

ليلا ديدي ايم اي جي آخري سال ۾ هئي. اڄ ڪيس بي اي جي ڇوڪرين پڪڙي ويهاريو هو ته هوءَ کين اهو رازبڌائي ته هاسٽل جي بلڊنگ پٺيان ڪمپائونڊ جي پٽ وٽ جيڪو باغيچو هو تنهن ۾ ڇوڪريون پڙهڻ لاءِ ڇو وينديون آهن. ليلا ديدي کلڻ لڳي ”ڀلا اهو به ڪو سوال آهي. باغيچي ۾ هوا سٺي آهي، وڻن، خاص ڪري ليمن جي وڻن مان خوشبوءِ پئي اچي. اڪيلائي شانتي... پڙهڻ ۾ چت لڳڻ لاءِ اهڙي وايو منڊل جي ته ضرورت آهي.“

”نه“ وشنيءَ ضد ڪيو، ”ضرور ٻيو به ڪجهه هوندو. خاص ڪري نيلما کي اتي ستيءَ جي چبوتري تي وينل ڏسي، مون کي شڪ پوندو آهي ته انهي چبوتري تي ويهي پڙهڻ ۾ ڪوئي راز هوندو.

اجان لفظ وشنيءَ جي وات ۾ ئي هئا جو صندل تي وينل سڀ ڇوڪريون ليلا سميت ماٺ ٿي ويون. سڀني جي نظر نيلما تي هئي جيڪا پنهنجي روم مان نڪري صندل وٽان هلندي مٺي مرڪ ۽ گلاب جي سڳنڌ ڦهلائيندي هلي وئي. ڏنئي پاسي وارين ڪوٺين طرف جتي سنڌس ئي ڪلاس جي هڪ فرسٽ ييئر فيلو رهيل هئي.

صندل تي وينل ڇوڪرين کان سيسڙاٽ نڪري ويو. ڪنهن چيو، ”شيطان جي باري ۾ ڳالهاءِ ته شيطان حاضر.“

ليلا ديديءَ وات سان چ چ ڪري چيو، ”ڪير ڀلا هن گلاب جي گل کي شيطان سان مشابهت ڏيڻ جي همت ڪندو.“

ڇپ کي چڪ ڀڪي دروءَ ڇيو. ”ساري ديدي نيلما جهڙي سهڻي ڇوڪري تہ سچ پچ مون حياتيءَ ۾ نہ ڏٺي آهي....“

پوءِ تہ هيون نيلما جي گلابي چپن ۽ بادامي اکين ڏکهن وارن ۽ چمڙيءَ جي روشنيءَ جون سارهڪون هڪ هڪ سندس سونهن بابت ڪونہ ڪو سهڻو اظهار پئي ڪيو.

ايتري ۾ نيلما ستيءَ واريءَ روم مان نڪري ۽ ڏاڪا ڪمپائونڊ جي لهي هاسٽل جي پنيان واري باغيچي ڏي هلي ويئي. سيني سس پس ۾ چيو ”ستي ڪا ڇبوترا“ مگر نيلما پنيان ڪين نهاريو.

صندل تي وينلن اجان وري ٿي سندس سونهن بابت شروعات ڪئي تہ مئگيءَ چيو ”بس بس حد ٿي چڪي. مون تہ هانگ ڪانگ ۾ پريون ڏٺيون آهن هيءَ تہ سونهن ڪجهہ ڪينهي....“

ليلا ديدي گوڏن مٿان ٻانهون رکيو مٿن ڪاڏي رکيو ويٺي هئي سندس ڇهري پئي ڪليو. مئگيءَ چيو. ”هانگ ڪانگ ۾ اسان ڪانوينٽ ۾ مئي هن ڪان وڏيڪ سهڻيون ڇوڪريون هيون.“

ليلا پڇيو ”مئگي تون سچ سچ ٻڌاءِ توکي هن بنارس هاسٽل جي مشرقي ماحول ۾ مزو اچي ٿو؟“

”مزو؟ ڇي. مان تہ اهڙو مور تي ٿيان جو اچئي جيڪر واپس هلي وڃان. پر پپا او ماءِ گاڏ. اهڙو پپا شل ڪنهن کي نہ ملي. اصل چوي وڃي بنارس يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي هندستاني بڻجي اچ. توکي هتي مغربي هوا لڳي ويئي آهي....“

هانگ ڪانگ تہ پارت جي اوپر ۾ آهي. ان حساب سان اوپلهہ جي هوا پهرين هتي لڳي هوندي برابر اهڙو ٻڌي تہ نہ ملڻ کپي. ”منهنجو ٻڌي چوي ٿو انديا جو ڪلچر هانگ ڪانگ کان سنو آهي....“ مئگيءَ ٺٺل ٺٺل هنديءَ ۾ ڳالهايو تہ سيني کي مزو پئي آيو.

ڪلنڊي ڪلنڊي سيڻي چيو، ”هلو ٽمباڳ ۾ هلي ستيءَ جي چبوتريءَ تي محفل مچايون.
ڏسون نيلما اسان کي پير رکڻ ڏئي ٿي چبوتري تي.

هي ستن سيتلاڻن جو ميڙاڪو جڏهن باغ ۾ پهتو، تڏهن پري کان ڏسي مڱگيءَ چيو
”ڏسو ڏسو، نيلما آسمان ۾ ڪجهه ڳولهي پيئي...“

هن ميڙاڪي کي ويجهو ايندو ڏسي نيلما اٿي کڙي ٿي ۽ يڪدم وٺي پنيان ڦري واپس
هاسٽل ۾ هلي ويئي. سيڻي نيلما کي ڏس ڪيا پر هوءَ غائب ٿي ويئي.

ليلا ديديءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو ”ويچاري.“

مڱگيءَ ڪجهه انگريزي ڪجهه هنديءَ ۾ چيو، ”هيءَ ته حد آهي، توهين سڀ هتي اچي
وينيون نيلما کي ملڻ لاءِ هوءَ ڀڄي ويئي. پوءِ به ديدي چوي ٿي ”ويچاري“ چوڻ ڪپي
ٽيبڊ مئنرس“

ليلا ديديءَ جي هاسٽل جي شاگردن ۾ ايڏي عزت هئي جو مڱگيءَ جو هن طرح ڳالهائڻ
سيڻي کي ڏاڍو ٻرو لڳو.

ليلا ديديءَ صبر سان چيو، ”ويچاري“ چو چيو ”اها توکي خبر آهي؟“

”هن اسان کي ڪجهه نه چيو ميدان ڇڏي ويئي انکري ويچاري هونديءَ بيو ڇا؟“

”نه ليئن ڪانهي. توکي خبر آهي ته نيلما ودو آهي.“

مڱگي وات تي هٿ رکي چيو، ”او، نو، نه، نه.“

”توکي خبر آهي ته هتي وڌوا جي کهڙي حالت آهي؟“

مڱگيءَ پريشانيءَ ۾ چيو، ”مگر هيءَ هيتري ننڍي، هن جي ته مون سمجهو اجان شاديءَ ئي
نه ٿي هوندي.“

ڪنڌ سان هاڪار ڪندي ليلا ديديءَ چيو، ”هنجي شاديءَ ڪيٻال وواهه چوندا آهن. ڏاڍي وڏي راڄڪي خاندان مان آهي نيلما. سندس پيءُ کي ڪنهن سبب پئسن جي ڏاڍي تڪڙي ضرورت پيئي هن ڪيس هڪ وڏي زميندار سان پرڻائي ڇڏيو.“

هڪ عجيب ماٺ ڇائنجي ويئي ستيءَ جي چبوتري مٿان. چوڌاري وڻن ۾ ڪن جهرڪين جي چون چونٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي. ليمن جي وڻن مان سرهاڻ هوا سان ڪجهي اچي هنن ڇوڪرين جي ميڙاڪي جو وات ڪٺو ڪيو.

مئگي ڏاڍي ويچار ۾ هئي. ڪو ڪيلا ڪيس ڏونڌاري چيو، ”هلو هلي گنگا ڪناري وهون سج لهڻ جو نظارو ڏسون....“

مئگيءَ چپ تي آڱر رکي چيو، ”پر ليلا ديدي، توهان جي انديا ۾ ليئن چو آهي، جو مرد وري وري پيا شاديون ڪن، مسلمان ته جيئري تي جيئريون شاديون ڪن، ليڪن زالن لاءِ وڌوا وواه پاپ آهي؟“

سيني ڇوڪرين پنهنجي پنهنجي آواز ۾ هن ٽاپڪ تي ڳالهايو. جوش ۾ اچي ميران چيو، ”ڇا هن نيلما کي زندگيءَ ۾ ڪي ارماننئي نه هوندا؟“

ليلا ديديءَ هڪ اداس ڪل اچلي چيو، ”ان ڪان گهڻا ارمان هنن ڇوڪرن جي هاسٽلن ۾ جاڳڻ شروع ٿيا آهن...“

”مطلب؟“ مئگيءَ پڇيو.

”ڇوڪرن ايڏا خط لکڻ شروع ڪيا آهن جو هاسٽل جي ماتا جي ته ڪک ٿي پيئي آهي. هڪڙو خط ته نيلما ڪيهه نوٽيسٻورڊ تان مليو هو. هڪڙو خط ته نيلما ڪيهه نوٽيس ٻورڊ تان مليو هو. مون کي اچي ڏيکاريو ويچاريءَ.“ ڇوڪرين وٺي ليلا ديديءَ کي ڏونڌاريوٻڌاءِ ڇا لکيل هو. لکيل هو، ”تون جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ رستي تان لنگهندي آهين، تڏهن ليئن لڳندو آهي رستي جي ڏامر مان شعاع نڪرڻ لڳندا آهن. رستي جو رنگ

روڊ جا سڀ رستا تنهنجي قدمن وٽان ئي ڦٽن ٿا ۽ تنهنجن پيرن کي ڇهي ڪري اهو ڪرتارپڙو ڪنيون پري پري تائين هليا پيا وڃن. ڪيترو اجا ۽ ملائم آهن تنهنجا پير. هر قدم سان تنهنجي چال هڪ عجيب اندر جال پيدا ڪندي اسان جي هاسٽل ڏي اچليندي ويندي آهي. اسين جوان ان مهل انهي سترنگي جال ۾ ڦاسي سن ٿي ويندا آهيون. رجني گنڌا جي ٽارين جهڙيون تنهنجون ٻانهون، هوا ڪان هلڪي ڪومل بدن جي ٻنهي پاسي لهرائينديون هلنديون آهن تڏهن لڳندو آهي تنهنجين آڱرين ۾ رجني گنڌا جون ٻند مڪڙيون ڪلڻ لاءِ آتيون آهن. هي مڪڙيون ڪلڻ ڪان اڳ ئي هيڏي سڳنڌ ٿيون ڦهلائينديون وڃن ته جڏهن ڪنهن گلي جو سپرش ڪري ڪلي پونديون تڏهن ڪهڙي هوندي اها سڳنڌ، ساري پرٿوي جل ٿل آڪاس سڳنڌ جو ساگر لهرائي اٿندو ان مهل. اهو ڀاڳيشالي شخص تڏهن ساري سنسار ڪان وڌيڪ سني رکندو انهن ڪومل گلابي اڌرن تي... اٿبوٽيل پرڪاش پريون اکيون جڏهن انهيءَ پياري ڏي ڏسنديون تڏهن سونا ورق ڪنهن برقي حرڪت سان جري ڇڏيندا هن جو جيءُ...“

ليلا ديديءَ واتان خط جو هيڏو بيان ٻڌي ٻيون سڀ ته منتر مڳڌ ٿي ٿي ويئون پر مئڳي ڏاڍي مونجهاري ۾ اچي ويئي. چٽپٽائي چيائين، ”پر هن ڇوڪريءَ جي وري شادي ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهه آهي؟“

سيني ڇوڪرين اهڙي ڳالهه جي جواب لاءِ ليلا ديديءَ ڏي منهن ڪري ڇڏيو.

ليلا ديدي پهرين ته ڪا ڪن مئڳيءَ طرف ڏسندي رهي، پوءِ آهستي چيائين، ”نيلما تمام وڏي گهراڻي جي ڇوڪري آهي، جتي ٻي شاديءَ کي گهر گهلائي سمجهيو ويندو آهي.

هوءَ ته هن عمر ۾ ڇئن ٻارن جي ماءُ آهي.“

هڪ ڇوڪريءَ سوال ڪيو، ”ديدي نيلما پڙهي پوءِ ڇا ڪندي.“

”ڇو پڙهڻ پنهنجي سر هڪ شڪتي ناهي؟“

ٻيءَ پڇيو: ليڪن ته ڪين ٿيندو جو هيءَ وري وڃي گهر گرهست ۾ ڦاسندي. سڄو ڏينهن اٺو ٻوهيندي ٻارن کي ٻارن جي ٻارن کي لوليون ڏيڻ ۾ گذاريندي.“

”ڏٺ.“ منگيءَ کان نڪري ويو. ”اڙي ههڙي ڇوڪري ڪوئي ڪارخانو کڻي کولي تهه لک ڪمائيندي.“ ليلا ديدي ”ساري“ چئي منگيءَ تي حملو ڪري ويني، ”منگي پئسو ڪمائڻئي زندگيءَ ۾ جو هڪئي اديش ناهي جيوت کي سڦلي بنائڻ جو- ٿي سگهي ٿو سندس ٻي شادي رچائي وڃي. يا هڪ ايم اي پاس عورت جنهن ٻي ٻاڪ نموني گهر گرهستيءَ کي هلائي سگهندي سو ڇا گهٽ ٿو لڳي توهان کي؟“

هاڻي ڪياڙي ڪنهندي هرهڪ پنهنجي راءِ ڏني ڪنهن چيو: هن کي گهٽو گهٽو پڙهي پرنسپال ٿيڻ کپي ٻيءَ چيو ههڙي سهڻي اگر ڊاڪٽرياڻي ٿي وڃي ته اسان جي ملڪ جون جيڪي گريوئيون زالون هن ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ ايندين سي هن جهڙا سهڻا ٻار پئدا ڪنديون. منگي وڏي اکيون ڦاڙي ستيءَ جي چبوتري تي هٿ نڪاءَ ڪري چيو، ”مان ته چوان ٿي مان اگر شاديءَ کان پوءِ وڌوا ٿي ويس ته وري ضرور شادي ڪنديس. زال ذات مڙس ٻنا نه نهي مرد پلاٻنا زال جي هلي سگهندا آهن.... جيئن منهنجو پئدي آهي. اسان جي مميءَ ته مرڻ مهل انجام ورتس ته تون وري ضرور شادي ڪندين- تيسين اصل ساهه نه پيو نڪريس ويچاري بيماريءَ کان ايڏو پريشان هئي..... ڇه ڇه....“

منگيءَ طرف ڏسي ليلا ديديءَ چيو ”منگي ميرچنداڻي هڪ ڳالهه تنهنجي مڃڻي پوندي تون ڏکي ۾ ڏکي ڳالهه ڏاڍي سولائيءَ سان ڪري ٿي وڃين..... مثلا هي ماءُ جي موت جي ڳالهه....“

”ڇا هي ان ۾ حقيقتئي نه آهي.“

هڪ سڪيءَ ڏانهس يڪ ٽڪ ويٺي نهاريو. انهي چيو، ”پوءِ مئگي چو، مينگهي تنهنجو نالو آهي انسان چو نہ سڏيون توڪي؟“

